(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينه

(دعوتِ اسلامي)

مارچ 2025/ رمضان المبارڪ 1446 هجري





# دارُالافتاء اهل سنّت

مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني

## (1) نسوار رکي سُمهي رهيوءِ سحري جو وقت گذري ويو ته روزي جو حڪم؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته رمضان المبارڪ ۾ سحري ڪرڻ کان پوءِ 4:20 تي هڪ شخص پنهنجي وات ۾ نسوار رکي ۽ ڪيس ننڊ اچي وئي 4:40 وڳي سحري جو وقت ختم ٿي ويو پر جڏهن هن جي اک کُلي ته 5:00 تي ڇڪا هئا. هاڻي سوال اهو آهي ته اهڙي صورت ۾ روزي جو ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ جڏهن روزي جو وقت شروع ٿيو ۽ نسوار وات ۾ رهي، ته انهيءَ شخص جو روزو ٽٽي ويو؛ جو ته عام طور تي نسوار جا جزا نڙي کان هيٺ لهي ويندا آهن، جنهن سبب روزو صحيح نه رهندو. ان ڪري انهيءَ شخص تي هڪ ڏينهن جي قضا لازم ٿيندي، يعني انهيءَ روزي جي بدلي ۾ ٻي ڏينهن روزو رکڻو پوندو.

پڻ انهيءَ شخص تي باقي ڏينهن روزيدارن وانگر رهڻ واجب ٿيندو؛ جو ته شرعي اصول اهو آهي ته هر اهو شخص جيڪو ڏينهن جي ڪنهن به حصي ۾ اهڙي حالت ۾ ٿي ويو، جو ان جي هي حالت جيڪڏهن ڏينهن جي شروعات (يعني سحري جي وقت) ۾ ٿئي ها ته ان تي روزو رکڻ لازم ٿئي ها، ته اهڙي شخص جي لاءِ روزو نه هجڻ جي باوجود بقيه ڏينهن روزيدارن وانگر رهڻ واجب ٿيندو .

البته ڪفارو لازم نه ٿيندو جو ته ڪفارو واجب ٿيڻ جي لاءِ جاڻي واڻي روزو ٽوڙڻ شرط آهي، جڏهن ته ننڊ جي حالت ۾ نسوار جا جزا نڙي ۾ وڃڻ سبب اهو شرط پورو نه ٿو ٿئي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ويجهي رشتيدارن جي جنازي جي لاءِ اعتڪاف ٽوڙڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته نياڻي يا ڪنهن قريب ترين محرم رشتيدار جي وفات جي سبب معتڪف کي اعتڪاف ڇڏڻ جي اجازت آهي يا نه؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جي ها، جيڪڏهن معتڪف جو ڪو ذي محرم رشتيدار وفات ڪري وڃي ته جنازي ۾ شرڪت لاءِ اعتڪاف ٽوڙڻ جي اجازت آهي، اُن سان معتڪف گناهه گار نه ٿيندو.

البتہ اهو ياد رهي تہ جنهن ڏينهن اعتڪاف ٽوڙيو ويو، ان هڪ ڏينهن جي قضا بعد ۾ ڪرڻي پوندي

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) سادي پاڻي جي ٻاڦ سان روزو ٽٽندو يا نہ

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ روزو رکڻ دوران سادو پاڻي گرم ڪري ان جي ٻاڦ (Steam) وٺڻ سان روزو ٽُٽندو يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

روزو رکڻ دوران قصداً پاڻي جي ٻاڦ (Steam) وٺڻ سان روزو ٽُٽي ويندو، جڏهن تہ روزيدار هجڻ ياد هجي، ڇو تہ روزي جي حالت ۾ ٻاڦ وٺڻ سان پاڻي بخارات بڻجي نڪ جي رستي سان نڙي (حلق) ۾ ويندو آهي، هي شيءِ روزو ٽوڙڻ وارو عمل آهي ۽ ٻاڦ جو حڪم بہ قصداً دونهون سنگهڻ جي مِثل آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) چاندي جي تسبيح تي ذڪراللّٰه ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ چاندي جي تسبیح ذڪرِ اللّٰه لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

مرد يا عورت ٻنهي لاءِ چانديءَ جي تسبیح استعمال ڪرڻ ناجائز، حرام ۽ گناهہ آهي. ڇو تہ سون هجي يا چاندي، مردن لاءِ ڪجهہ شرعي رخصتن کانسواءِ ان جو استعمال مطلقاً حرام آهي.

ساڳيءَ طرح عورت لاءِ بہ صرف زيور طور سون ۽ چاندي جو استعمال جائز آهي، ان کانسواءِ عورت جي لاءِ بہ ان جو استعمال ڪرڻ ناجائز آهي.

چوتہ چانديءَ جي تسبیح نہ تہ ڪنهن شرعي رخصت ۾ داخل آهي ۽ نہ ئي ان کي زيور طور پائڻ جو مقصد هوندو آهي، تنهن ڪري مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ چانديءَ جي تسبيح استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (5) جنازي جي نماز سُنتِ بعديہ کان پهريان پڙهون يا بعد ۾؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ اسان جي مسجد جي پرسان گرائونڊ ۾ نمازِ جنازو ادا ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ايئن ٿيندو آهي تہ فرض نماز جي جماعت کان فوري بعد هي اعلان ڪيو ويندو آهي تہ ٻاهر گرائونڊ ۾ جنازي جي نماز ادا ڪئي ويندي. هاڻي پڇا اها ڪرڻي آهي تہ ظهر ۽ مغرب جون پوءِ واريون سنتون ادا ڪرڻ کان پوءِ نماز جنازه پڙهي وڃي يا پهريان نماز جنازه ادا ڪري پوءِ سنتون پڙهجن.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

اهي نمازون جن کان پوءِ سنتون ادا ڪيون وينديون آهن يعني نمازِ ظهر، مغرب، عشاء ۽ جمعي جي نماز، انهن وقتن ۾ جيڪڏهن جنازو حاضر هجي ۽ جماعت تيار هجي ته مفتيٰ به قول مطابق فرضن کان پوءِ پهرين سنتون ادا ڪجن، پوءِ نمازِ جنازه پڙهجي. البت جيڪڏهن سنتون پڙهڻ جي صورت ۾ ميت جو جسم خراب ٿيڻ يا ڳرڻ سڙڻ جو انديشو هجي ته پوءِ نمازِ جنازه پهرين پڙهڻ گهرجي بلڪ اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن فرض نماز جي وقت ۾ به گنجائش هجي، ته نمازِ جنازه کي فرض نماز کان پڙهي وجي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (6) ميت جون صرف هڏيون ملن ته نمازِ جنازه جو حڪم

**سوال:**علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ڇا فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان ميت جون رڳو هڏيون ملن ۽ جسم تي گوشت نه هجي، ته ڇا ان جي نمازِ جنازه ادا ڪئي ويندي يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

مذڪوره صورت ۾ صرف هڏين تي نمازِ جنازه ادا نه ڪئي ويندي، جو ته شريعتِ مطهره جي قانونن موجب جنازي جي ادائيگي لاءِ شرط آهي ته يا ته پوري ميت موجود هجي يا بدن جو اڪثر حصو يا اڌ جسم مٿي سميت هجڻ ضروري آهي.

۽ بدن گوشت، چمڙي ۽ هڏين جي مجموعي جو نالو آهي، صرف هڏين کي بدن ناهي چيو ويندو، تنهنڪري هن حالت ۾ جنازي جي نماز ادا نه ڪئي ويندي.

بهتر اهو آهي ته انهن هڏين کي ڪنهن پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي، عزت ۽ احترام سان دفن ڪيو وڃي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# ڪم جون ڳالهيون

**جا نگران مولانا محمد عمران عطاري**
**دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شورا**

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت قائم جامعات المدينہ ۾ بهتر تعليم سان گڏوگڏ خاص تربيتي نشستن جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو آهي، جن ۾ علمي، عملي، اخلاقي ۽ معاشرتي اعتبار سان مختلف پهلوئن تي شاگردن جي تربيت ڪئي ويندي آهي- انهيءَ سلسلي ۾ نگرانِ شورا هڪ موقعي تي طلباء جي تربيت ڪندي انهن جي قابليت ۽ صلاحيت وڌائڻ لاءِ مدني گل بيان فرمايا جيڪي هيٺ پيش ڪيا پيا وڃن.

(1) پڙهائي ۾ دل لڳائڻ لاءِ طلباءِ ڪرام کي درود پاڪ پڙهڻ جو معمول بڻائڻ گهرجي.

(2) دين جو طالبِ علم هلي تہ سنت جي مطابق هلي، ڪائي تہ سنت جي مطابق مطلب تہ ان جو هر ڪم سنت جي مطابق هجڻ گهرجي.

(3) طالبِ علمِ کي ايترا درود پاڪ ياد هجڻ گهرجن جو هو بدلائي بدلائي پڙهي سگهي (جيئن نون نون لفظن سان پڙهڻ سبب شوق ۾ واڌارو ٿيندو رهي).

(4) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شوق رکڻ واري لاءِ درود پاڪ پڙهڻ سڀ کان بهترين عمل آهي.

(5) ڪنهن جو راز ظاهر ڪرڻ سان راز اچڻ بند ٿي ويندا آهن. (يعني راز ٻڌائڻ وارو ٻيهر ان کي راز نہ ٻڌائيندو آهي).

(6) الله پاڪ جنهن کان دين جو ڪم وٺڻ چاهي ان جي لاءِ ڪم ڪرڻ جا رستا بہ آسان ڪري ڇڏيندو آهي.

(7) اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو سمورو وقت دين جي ترقي ۽ اشاعت ۾ گذرندو هو، پاڻ عصر کان مغرب تائين جو وقت پنهنجي محبن، مُريدن ۽ طالبن جي مسئلن جي حل لاءِ وقف ڪندا هئا.

(8) اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڏيئرن جي شادي ۾ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شادي جي سيني معاملن ۽ ضرورتن کي پاڻ سنڀاليو تہ جيئن اعلىٰ حضرت دين جو ڪم ڪرڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ محسوس نہ ڪن، جنهن تي اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ننڍي ڀاءُ لاءِ هڪ تاريخي جملو ارشاد فرمايو: ”حسن ميان جيڪا مون دين جي خدمت ڪئي آهي ان ۾ اوهان جو بہ حصو آهي.“

(9) مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قلم ٿاهي (ڪِلڪَ گهَڙي) قلمدان ۾ رکي ڇڏيندا هئا تہ جيئن اعلىٰ حضرت دين جو ڪم ڇڏي، قلم ٿاهڻ ۾ وقت نہ لڳائڻ.

(10) حضرت علامہ عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي ڪتاب جنتي زيور ڪي پنهنجي زوجہ جي نالي ڪندي فرمايو: منهنجي زوجہ مون ڪي علمي ۽ ديني خدمتن لاءِ خانگي (يعني گهريلو) فڪرن کان آزاد ڪري ڇڏيو آهي.

(11) جيڪي طلباءِ ڪرام آئمہ مساجد آهن، انهن کي نہ صرف فرض بلڪ سنتون ۽ نفل بہ پنهنجي مصلي تي ادا ڪرڻ گهرجن ۽ مقتدين جا مسئلا حل ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(12) دارالافتاء جي فتوائن جو درسِ نظامي جي طلباء کي علم هجڻ گهرجي مزيد هي تہ جامعات جي شاگردن کي موجوده دور جي فتنن کان بہ باخبر رهڻ گهرجي.

(13) طلباء کي پنهنجي اندر اعتماد پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ اها سوچ ختم ڪرڻ گهرجي تہ مان نہ ٿو ڪري سگهان يا مون کي ڪرڻ نہ ايندو.

(14) جيڪڏهن اسان کي ڪنهن موقعي تي انگريزي جا ڪي لفظ نہ اچن تہ شرمندگي محسوس ڪندا آهيون پر جيڪڏهن شرعي اصطلاح نہ اچن تہ ان وقت شرمندگي محسوس نہ ڪندا آهيون.

(15) طلباء کي اها سوچ ختم ڪرڻ گهرجي تہ فارغُ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟ شوق ۽ جذبي سان پڙهو، اِنۡ شَآءَ اللّٰہ اوهان هڪ بهترين عالم بڻجي ويندؤ، ڇا هيءَ دولت گهٽ آهي؟

(16) جامعةالمدينہ ۾ تعليم جي معيار سان گڏ تنظيم سيکارڻ لاءِ پهريان **41** ڏينهن جو مدني انعامات ڪورس ڪندڙن کي ترجيح ڏني ويندي هئي پر هاڻي جيڪي استاد **12** مهينا ڪورس ڪري چڪا هجن ۽ علمي، عملي قابليت ۽ صلاحيت رکندڙ هجن انهن کي ترجيح حاصل هوندي-

(17) هاڻي ڪجھ ڪرڻ جو وقت آهي ڪم ڪري وٺو پوءِ موقعو نہ ملندو.

اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ فرمائيندا آهن:

(18) مرد اهو نہ آهي جيڪو معاشري سان گڏ هلي پر مرد اهو آهي جنهن سان معاشرو گڏ هلي.

(19) معاشري جي رنگ ۾ پاڻ کي نہ رنگيو، پر معاشري کي پنهنجي رنگ ۾ رنگيو.

(20) فارغُ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي قابليت کي پرکڻ لاءِ تَخَصُّص جو امتحان ضرور ڏيو تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ اوهان ۾ ڪيتري قابليت آهي؟

(21) علم سان گڏوگڏ تجربو، حڪمت ۽ دانائي جون الڳ مارڪون آهن.

(22) مفتي جي علم ۽ عمل سان ڀرپور گفتگو ٻڌائيندي آهي تہ هي مفتي آهي.

(23) اسان جي (دارالافتاء اهلِ سنت جي) مفتين جو مقام تہ بلند آهي ئي، پر نائب مفتي بہ علم ۽ عمل ۾ گهٽ نہ آهن.






مولانا ابو محمد شاهد عطاري مدني

# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

(رڪنِ شورا و نگران مجلس ماهوار فيضانِ مدينه)

رمضان المبارڪ اسلامي سال جو نائون مهينو آهي- ان ۾ جن صحابهٴِ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان **106** جو مختصر ذڪر **”ماهوار فيضانِ مدينه“** رمضان المبارڪ **1438** ھ کان **1445**ھ جي شمارن ۾ ٿي چڪو آهي، وڌيڪ **12** جو تعارف ملاحظ فرمايو:

## صحابهٴِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان:

**(1)** حضرت حارثہ بن سُراقہ خزرجي انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا پڦاٽ آهن. هي ميدانِ بدر جي حوض مان پاڻي پي رهيا هئا تہ هڪ مشرڪ کين تير هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. پاڻ هن غزوه جا پهريان شهيد آهن. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي والده کي سندن جنتي هجڻ جي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اي امِ حارثہ! هڪ جنت نہ پر ڪيتريون ئي جنتون آهن ۽ حارثہ انهن مان افضل جنت (الفردوس) ۾ آهي.[1]

**(2)** ذوالشمالين ابو محمد عمير بن عبد عمرو خُزاعي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهي هٿن سان ڪم ڪرڻ جي ڪري ذوالشمالين جي نالي سان مشهور ٿيا. پاڻ مڪي مڪرمه ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ مديني منوره ۾ هجرت ڪئي. پهريان سندن قيام حضرت سعد بن خزيمه وٽ ٿيو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي حضرت يزيد بن حارث انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو (مواخاتي) ڀاءُ بڻايو. کين اسامہ جشمي غزوه بدر ۾ شهيد ڪيو.[2]

## اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام:

**(3)** حضرت سيد يحيیٰ زاهد حسني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت **17** شعبان **340** ھ ۾ ٿي ۽ **24** رمضان **420** ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ عالمِ دين ۽ وليءِ ڪامل هئا.[3]

**(4)** مجذوبِ زمانہ حضرت شيخ عمادُ الدّين اشرف لڪڙ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صاحبِ جذبِ ڪامل

هئا. سندن وصال **19** رمضان **1290ھ** تي ڪڇوڇھ شريف، يوپي هند ۾ ٿيو. ڪين محبوب يزداني حضرت سيد اشرف جهانگير اشرفي ڪان آزراهِ اويسيہ ارادت حاصل هئي.[4]

**(5)** شيخ طريقت حضرت مولانا خواجہ حافظ غلام محمد نقشبندي بڪري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عالمِ باعمل، خليفۂ اول حضرت خواجہ عبدُالرّسول قصوري ابنِ خواجہ غلام محي الدين قصوري دائم الحضوري ۽ باني قديمي مرڪزي عيدگاھ جنوبي ۽ مدرسہ حنفيہ غوثيہ انوارُ القرآن بڪر آهن. وصال **21** رمضان **1355 ھ** تي ٿيو، مزار مذڪوره عيدگاھ سان متصل آهي.[5]

## علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام:

**(6)** عظيم محدث امام حسن بن ربيع بَجَلي بوراني ڪوفي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو وصال رمضان جي شروعات ۾ **221** ھ ۾ ٿيو. سندن استادن ۾ امام عبدالله بن مبارڪ ۽ شاگردن ۾ امام بخاري ۽ امام ابراهيم رازي شامل آهن.[6]

**(7)** امام سعيد بن ڪثير انصاري مصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پيدائش **146** يا **147**ھ ۾ ٿي ۽ وفات رمضان **226**ھ ۾ ٿي. پاڻ تاريخ ۽ نسب جا وڏا عالم، حسنِ بيان ۽ ادب ۽ فصاحت جي صفت سان مالا مال هئا ۽ پنهنجين خوبين سبب اهلِ علم کي متاثر ۽ حيران ڪندڙ شخصيت هئا.[7]

**(8)** شيخُ القراء حضرت ابو عبدالله محمد بن سعيد مرادي مرسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو تعلق يورپ جي ملڪ اسپين (Spain) جي شهر مرسيہ (Murcia) سان آهي. سندن ولادت **542** ھ ۽ وفات جمعي جي رات **21** رمضان **606** ھ تي مرسيہ ۾ ٿي. پاڻ بهترين قاري، راويِ حديث، ڪثيرُ الفيض، استاذُ القراء ۽ جَيّد عالمِ دين هئا.[8]

**(9)** علامہ شيخ مصطفيٰ بن محمد صفوي قلعاوي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فاضل ۽ استاد جامعة الازهر قاهره، مصر، علامۂ زمان، فقيهِ شافعي، مؤرخ مصر، شاعرِ عربي، ملنسار، خوش اخلاق ۽ مقبولِ خاص و عام هئا. سندن پيدائش ربيعُ الاول **1158** ھ ۾ ٿي. پاڻ **17** رمضان **1230**ھ تي وصال فرمايو، جنازي جي نماز جامعة الازهر ۾ ادا ڪئي وئي سندن تربت زاويۂ شيخ سراجُ الدين بلقيني ۾ آهي. سندن اهم تصنيفن ۾ شعري ديوان اِتحافُ النّٰظِرِيْن فِيْ مَدْحِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْن ۽ صَفْوَةُ الزَّمَان فِيْمَن تَوَلّٰى عَلٰى مِصْر من اميرو سلطان آهن.[9]

**(10)** سلطانِ نعت حضرت مولانا سيد ڪفايت علي ڪافي مرادآبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بجنور، يوپي هند جي سادات خاندان سان تعلق رکندا هئا. اوهان فارغ التحصيل عالمِ دين، نعت گو شاعر **1857**ع واري جنگِ آزادي جا مجاهد ۽ اٺن ڪتابن جا مصنف آهن. بهارِ خلد منظوم ترجمو شمائلِ ترمذي ۽ ديوانِ ڪافي يادگار آهن. پاڻ **22** رمضان **1274** ھ تي جامِ شهادت نوش ڪيو. تدفين مراد آباد جي جيل جي پٺيان، يوپي هند ۾ ڪئي وئي. **30** سالن ڪان پوءِ روڊ جي تعمير جي لاءِ زمين کوٽڻ تي سندن قبر کلي وئي ۽ جسم بلڪل سلامت هو.[10]

**(11)** سراجُ الله في البلدِ الحرام، شيخ عبدالرحمٰن سراج حنفي مڪي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پيدائش **1249** ھ ۾ مڪي مڪرمہ ۾

ٿي ۽ وفات مصر ۾ **4** رمضان **1314** ھ تي ٿي. قرافہ قبرستان ۾ امام شافعي جي مزار جي پرسان کين دفن ڪيو ويو. پاڻ حافظ ۽ مفسرِ قرآن، محدثِ زمان، داعيءِ اسلام، ماهر فقهءِ حنفي، مسجد الحرام جا مدرس، اديب و شاعر ۽ مفتيءِ مڪہ مڪرمہ هئا.

امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **1295** ھ ۾ پنهنجي پهرين حج جي موقعي تي اوهان کان سند حاصل ڪئي جيڪا **23** واسطن سان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملي ٿي.(11)

## (12) حضرت مولانا محرم علي چشتي

لاهوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت **1280** ھ ۾ لاهور جي هڪ علمي ۽ روحاني چشتي خاندان ۾ ٿي. پاڻ **1** رمضان **1353** ھ مطابق **8** ڊسمبر **1934** ع تي وفات ڪئي ۽ لاهور ۾ دفن ٿيا. پاڻ ديني ۽ دنيوي تعليم سان آراستہ عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي جي ڄاڻ رکڻ وارا، ماهرِ قانون، صاحبِ ديوان شاعر، انجمنِ نعمانيہ لاهور جا باني رڪن، ذهين و فطين، قوم ۽ ملت جا همدرد ۽ امام احمد رضا خان جا محب ۽ مستفتي هئا.(12)

---

(1)ديکھئے: طبقات ابن سعد، 387/3-بخاری، 12/3، حديث: 3982-عمدة القاری، 31/12، تحت الحديث:3982

(2)ديکھئے: طبقات ابن سعد، 124/3، 125-الاستيعاب فی معرفة الاصحاب، 52/2

(3)اتحاف الاکابر، ص160- تذکرۂ مشائخ قادریہ، ص 55

(4)حيات مخدوم الاولياء، ص 68، 69-صحائف اشرفی، 264/1

(5)تفصيل از کتبہ مزار

(6)التاريخ الکبير للبخاری، 277/2-تہذيب الکمال، 554/2، 555-تہذيب التہذيب،258/2-کتاب الثقات لابن حبان،111/5، 112- طبقات ابن سعد،374/6

(7)التعديل والتجريح، 1079/3، 1080-تذکرة الحفاظ،13/2-سيراعلام النبلاء، 241/9، 242

(8)غاية النہاية فی طبقات القراء، 129/2-الموسوعة الميسرة فی تراجم ائمة التفسير ...الخ، 3/ 2098، رقم:2930

(9)صفوة الزمان فيمن تولی علی مصر من امير و سلطان، ص26تا30- تاريخ عجائب الآثار فی التراجم والاخبار، 498/3

(10)تذکرہ علمائے اہل سنت،ص 219وغيرہ

(11)مختصر نشرالنور، ص243- ماخوذ از الاجازات المتينة ،ص5، 6- فيض الملک المتعالی، ص766، 2058، https://www.alhejaz.org/torath/079001.htm

(12)امام احمد رضا اور علمائے لاہور، ص35تا53- تجليات مہرانور، ص817- فتاویٰ رضويہ، 591/29تا611-صد سالہ تاريخ انجمن نعمانيہ لاہور، ص102، 194۔



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## (1) ڇا زڪوات نہ ڏيڻ واري جو سمورو مال حرام ٿي ويندو آهي؟

**سوال:** ڇا فرض زڪوات نہ ڏيڻ واري جو سمورو مال حرام ٿي ويندو آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ ڇا ان سان گڏ کائڻ پيئڻ جائز آهي؟

**جواب:** زڪوات فرض هجڻ جي صورت ۾ نہ ڏئي تہ هو سخت گنهگار آهي، پر ان جو مال حرام ناهي ۽ نہ ئي ان سان گڏ کائڻ پيئڻ حرام آهي- (مدني مذاڪرو، بعد نمازِ عصر، 25 رمضان شريف 1441 ھ)

## (2) عرس جي ڏينهن کان علاوه ايصالِ ثواب ڪرڻ

**سوال:** 21 رمضان المبارڪ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضىٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي شهادت جو ڏينهن آهي. ڇا انهيءَ ڏينهن ئي ايصالِ ثواب ڪرڻ ضروري آهي يا ڪنهن ٻئي ڏينهن تي بہ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** سڄو سال ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو البتہ مسلمانن جو طريقو آهي تہ خاص وصال يا شهادت جي ڏينهن ايصالِ ثواب ڪري عرس ملهايو ويندو آهي جيڪو بلڪل جائز ۽ ثواب جو سبب آهي، لهٰذا انهيءَ ڏينهن خصوصيت سان ايصالِ ثواب ڪرڻ گهرجي-

(مدني مذاڪرو، بعد نمازِ عصر، 20 رمضان شريف 1441 ھ)

## (3) ڇا 12 وڳي مسجد ۾ وڃڻ سان جنَ پڪڙي وٺندا آهن؟

**سوال:** ڪجھ ماڻهن جو اهو نظريو آهي تہ ڏينهن يا رات جي 12 وڳي ڪجھ لکڻ، پڙهڻ يا مسجد ۾ وڃڻ نہ گهرجي، ٻي صورت ۾ جِنَ پڪڙي وٺندا، ڇا اها ڳالھ درست آهي؟

**جواب:** رمضان شريف ۾ معتڪف ڏينهن رات مسجد ۾ رهندا آهن ۽ روزانو بہ ٻيرا 12 وڳي جو وقت ايندو آهي. اجان تائين تہ ڪنهن هڪ بہ 12 وڳي پڙهڻ يا لکڻ واري معتڪف کي جِنَ پڪڙيو هجي ائين ٻڌو ناهي. بس هي ماڻهن جون ٺاهيل ڳالهيون آهن، جنهن کي جيئن سمجھ ۾ ايندو آهي ڳالهائيندو آهي. (مدني مذاڪرو، 14 ربيع الاول شريف 1442 ھ)

## (4) جان جو صدقو ڪهڙي شيءِ سان ڏنو وڃي؟

**سوال:** صدقو ڪهڙي طريقي سان ڏنو وڃي، جنهن سان بيماري ختم ٿي وڃي؟

**جواب:** فتاوىٰ رضويہ ۾ آهي: شيريني (يعني مٺي شيءِ) يا ڪاڌو فقيرن کي کارائجي تہ صدقو آهي، رشتيدارن کي کارائجي تہ صلهءِ رحمي آهي ۽ دوستن کي کارائجي تہ ضيافت (يعني دعوت) آهي ۽ هي ٽئي شيون رحمت نازل ٿيڻ، بلا ۽ مصيبتن کي دور ڪرڻ جو سبب آهن. وڌيڪ فرمائن ٿا: اهو ئي حال ٻڪري ذبح ڪري کارائڻ جو آهي پر تجربي مان ثابت آهي تہ جان جو صدقو ڏيڻ وڌيڪ فائديمند آهي (يعني ٻڪري ذبح ڪري کارائجي تہ وڌيڪ فائدو ٿيندو آهي ۽ مصيبتون تيزيءَ سان ٽرنديون آهن) (ڏسو: فتاوى رضويه، 185,186/24) البتہ اهو ضروري ناهي تہ مريض پاڻ ذبح ڪري بلڪ جنهن کي جانور ڏنو ويو آهي، ان کي بہ ذبح ڪرڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو.

(مدني مذاڪرو، 21 ربيع الاول 1442 ھ)

## (5) بجلي جي ميٽر جي ريڊنگ گھٽ ڪرائڻ ڪيئن؟

**سوال:** بجلي جو ميٽر ريڊر، ميٽر چيڪ ڪرڻ لاءِ ايندو آهي ته ڪجهه ماڻهو ان کي هر مهيني پئسا ڏئي پنهنجي ميٽر جي ريڊنگ گھٽ لکرائيندا آهن- ڇا ائين ڪرڻ صحيح آهي؟

**جواب:** ميٽر جي ريڊنگ گھٽ لکڻ وارو ۽ گھٽ لکرائڻ وارو ٻئي گنهگار آهن. ميٽر ريڊنگ گھٽ لکڻ واري لاءِ اها رقم حرام آهي تنهنڪري ان کي توبهه ڪرڻ گھرجي ۽ جنهن کان اها رقم ورتي آهي، ان کي واپس ڪرڻ گھرجي ۽ ان جي جيڪا به ريڊنگ آهي اها بلڪل ديانتداري سان لکي ۽ جيڪا اڳ ۾ گھٽ لکي آهي سا به ديانتداري سان ٻيهر واپس لکي، گڏوگڏ جنهن ميٽر جي ريڊنگ گھٽ ڪرائڻ لاءِ پئسا ڏنا آهن ان کي به توبهه ڪرڻ گھرجي ۽ جيترو به بل اچي ان مطابق رقم جمع ڪرائڻ گھرجي ريڊنگ گھٽ لکرائڻ جي صورت ۾ اڳ ۾ جيترو بل گھٽ ادا ڪيو آهي، حساب ڪري جيڪا به رقم ٺهي اها به جمع ڪرائڻ گھرجي جيئن ڪا به خيانت نه ٿئي- (مدني مذاڪرو، 2 ربيع الآخر 1442 ھ)

## (6) شيطان جي پيروي

**سوال:** شيطان جي پيروي ڪرڻ مان ڇا مراد آهي؟
**جواب:** شيطان جي پيروي ڪرڻ مان مراد ان جي وسوسن تي عمل ڪرڻ آهي، يعني جيڪو شيطان چوي، ايئن ڪرڻ کي شيطان جي پيروي ڪرڻ چئبو آهي. جيئن چيو ويندو آهي **"نقشِ قدم تي هلڻ"**. جڏهن اسان مٽيءَ تي پير رکندا آهيون ته ان تي پير جو نشان ٺهجي ويندو آهي، پر ان مان مراد اهو ناهي هوندو ته انهيءَ پير جي نشان تي پير رکي هلجي، بلڪ هي هڪ محاورو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته جيئن ڪو ماڻهو عمل ڪري، تيئن عمل ڪرڻ. (مدني مذاڪرو، 1 ربيع الآخر 1442 ھ) Top of Form

## (7) ڪَٽَ تي جُتِي رکڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا نئين جتي يا بوٽ ڪٽ تي رکڻ سان گھر ۾ جهيڙو ٿيندو آهي؟

**جواب:** جتي يا بوٽ نئون هجي يا پراڻو ڪٽ تي رکڻ سان جهيڙو نه ٿيندو آهي.
(مدني مذاڪرو، 1 ربيع الآخر 1442 ھ)

## (8) ڇا هٽ ۾ تسبيح رکڻ رياڪاري آهي؟

**سوال:** ڇا هٽ ۾ تسبيح رکڻ رياڪاري آهي؟

**جواب:** هٽ ۾ تسبيح رکڻ رياڪاري ناهي، پر جيڪڏهن نيت هيءَ هجي ته ماڻهو نيڪ سمجهن ۽ انهن جي دلين ۾ منهنجي عزت پيدا ٿئي ته پوءِ اهڙي صورت ۾ خالي ڇَپَ هلائڻ به رياڪاري آهي. (مدني مذاڪرو، 10 ربيع الاول 1442 ھ)

## (9) ڇا ايڊوانس رقم ڏيڻ وياج ۾ داخل آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ڪان ڪو ڪم ڪرائڻو هجي ته ڪجهه پئسا ايڊوانس ڏنا وڃن ۽ باقي ڪم ٿيڻ بعد ته ڇا هي ايڊوانس وياج ۾ شمار ٿيندو؟

**جواب:** نه، هي وياج نه آهي، چو ته وياج تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن کي قرض ڏئي ان مان فائدو حاصل ڪيو وڃي. هتي ائين نه آهي، اوهان جيڪو ايڊوانس ڏنو آهي اهو ڪم نه ٿيڻ جي صورت ۾ توهان کي واپس ملي ويندو- نه ايڊوانس وٺڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ نه ئي ايڊوانس ڏيڻ وارو، البته ڪجهه ماڻهو ڪم نه ڪرڻ جي باوجود به ايڊوانس واپس ناهن ڪندا، هضم ڪري ڇڏيندا آهن، ائين ڪرڻ جائز نه آهي.
(ڏسو: فتاوى رضويه، 94/17 – مدني مذاڪرو، 28 ربيع الاول 1442 ھ)

## (10) Disposable دسترخوان استعمال ڪري اڇلائي ڇڏڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ Disposable دسترخوان اڇلائڻ ڪيئن آهي؟ وڌيڪ هي ته ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ دسترخوان ويڙهڻ لاءِ "دسترخوان وڌايو" چيو ويندو آهي ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

**جواب:** Disposable دسترخوان، ٿانوَ ۽ گلاس وغيره استعمال کان پوءِ اڇلائي ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي، عالمن ان جي اجازت ڏني آهي. دسترخوان ويڙهڻ لاءِ "دسترخوان وڌايو" چوڻ نيڪ گمان طور چيو ويندو آهي چو ته ان ۾ برڪت جو پهلو آهي ۽ نيڪ گمان وٺڻ سٺو عمل آهي.
(مدني مذاڪرو، 12 ربيع الاول 1442 ھ)



# حضرت محمود بن ربيع ۽ حضرت عمر بن ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا

مولانا اويس يامين عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ جن خوش نصيب ٻارن حاضري ڏني، انهن ۾ حضرت محمود بن رَبيع ۽ حضرت عمر بن اَبو سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا بہ شامل آھن. اچو تہ! انهن جي ننڍپڻ جي مختصر سيرت پڙهي، پنهنجين دلين کي محبتِ صحابہ ڪرام سان روشن ڪيون.

## حضرت محمود بن ربيع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

اوهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ولادت **6** هجري ۾ مدينہ منوره ۾ ٿي، پاڻ جميلہ بنتِ ابي صَعْصَہ جا فرزند ۽ انصاري خزرجي آھن.[1]

**حديث جي روايت:** اوهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان حديثِ شريف بہ مروي آهي.

**ننڍپڻ جو يادگار واقعو:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ: مون کي ياد آهي جڏهن مان پنجن سالن جو هيس تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ اسان جي گهر جي کوهہ مان هڪ ڏول پاڻي ڪڍيائون ۽ منهنجي منهن ۾ (مزاح خاطر) پاڻي جي گُرڙِي هنيائون.[2]

مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مان ثابت ٿيو تہ ننڍن ٻارن سان خوش طبعي مسنون آهي ۽ هيءَ ڳالھ بہ ثابت ٿي تہ حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لعابِ مبارڪ ۽ اوبَر مان برڪت حاصل ڪرڻ بہ مسنون آهي.[3]

**وصال:** حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري وقت پاڻ تقريباً **5** سالن جا هئا.[4] پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **93** ورهين جي عمر ۾ **99** هجري ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪيائون.[5]

## حضرت عمر بن ابوسلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا

پاڻ حضرت ابو سلمہ عبدالله ۽ حضرت اُمِ سلمہ هند رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جا فرزند آهن، پاڻ **2** هجري ۾ حبشہ ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب جي وصال فرمائڻ کان پوءِ رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن والده حضرت اُمِّ سلمہ سان نڪاح فرمايو، جنهن بعد پاڻ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ اچي ويا.[6]

**تعدادِ روايات:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان **12** حديثون مروي آهن.[7]

**پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ يادگار کاڌو کائڻ:** هڪ روايت ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن

ٽا: مان ننڍپڻ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرورش هيٺ هُيس، منهنجو هٿ کاڌو کائڻ وقت پيالي ۾ هيڏي هوڏي هلي رهيو هو تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي ڇوڪرا! اللّٰه جو نالو وٺ (يعني بِسمِ اللّٰه پڙهہ) ساڄي هٿ سان کاءُ ۽ پنهنجي اڳيان کان کاڌو کاءُ. (حضرت عمر بن ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا:) ان کانپوءِ مان هميشہ انهيءَ ئي طريقي سان کاڌو کائيندو رهيس.(8)

**وصال:** حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ 9 سالن جا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ 83 هجري ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪيائون.(9)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1) تہذیب التہذیب، 76/8-تاریخ ابن عساکر، 110/57
(2) بخاری، 45/1، حدیث: 77-زرقانی علی المواھب، 75/6
(3) نزہۃ القاری، 429/1
(4) معجم کبیر، 32/18
(5) الاصابہ فی تمییز الصحابہ، 36/8
(6) الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 245/3
(7) تہذیب الاسمآء واللغات، 335/2
(8) بخاری، 521/3، حدیث: 5376
(9) الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 246/3

# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني

## اسٽڊي ٽوئر لاءِ بغير محرم جي شرعي مسافت تائين وڃڻ

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالمِ دين ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته مان حيدرآباد يونيورسٽي ۾ پڙهندي آهيان. اسان جي يونيورسٽي مان هر سال پاڪستان جي ڪنهن نه ڪنهن علائقي ۾ مختلف مقصدن(تفريح، گروپ ٽاسڪ، تاريخي ماڳن جي معلومات، تخليقي صلاحيتن ڪي نکارڻ) تحت اسٽڊي ٽوئر *(Study Tour)* ڪرايا ويندا آهن. هن سال اسان جي يونيورسٽي جو حيدرآباد کان ڪراچي (جيڪو شرعي مسافت تي آهي) اسٽڊي ٽوئر ٿي رهيو آهي. هن ٽوئر ۾ رڳو شاگرد ( ڇوڪرا، ڇوڪريون) ۽ استاد ئي وڃي سگهن ٿا گهر جي ڪنهن فرد يا محرم وغيره کي گڏ وٺي وڃڻ جي اجازت نه هوندي آهي. پر يونيورسٽي انتظاميا جو چوڻ آهي ته جيڪي شاگردياڻيون اسان سان گڏ وينديون، انهن جي مڪمل سار سنڀال جي ذميواري انتظاميا جي هوندي ته رهنمائي ڪيو ته ڇا مان ڀين شاگردن ۽ انتظاميا سان گڏ اسٽڊي ٽوئر تي وڃي سگهان ٿي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

درخواست ڪيل صورت ۾ اوهان جو ڀين شاگردن ۽ يونيورسٽي انتظاميا سان گڏ اسٽڊي ٽوئر *(Study Tour)* تي وڃڻ جائز نه آهي ڇو ته اسٽڊي ٽوئر تي وڃڻ لاءِ اوهان کي حيدرآباد کان ڪراچي تائين شرعي مسافت طئي ڪرڻي پوندي، جڏهن ته عورت لاءِ مڙس يا محرم ڪانسواءِ ٽي ڏينهن يعني 92 ڪلوميٽر جو سفر ڪرڻ ناجائز، حرام ۽ گناهه آهي. وڌيڪ هي ته اسان جي پياري شريعت ۾ عورت کي مڙس يا محرم کان سواءِ حج يا عمري جهڙي مقدس سفر ڪرڻ جي اجازت نه آهي ته پوءِ اسٽڊي ٽوئر تي وڃڻ جي اجازت ڪيئن هوندي؟

ان ڪانسواءِ اهڙن اسٽڊي ٽوئرن ۾ عام طور تي وڌيڪ خرابيون به ڏسڻ ۾ اينديون آهن مثال طور نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ ويندا آهن ته رستي ۾ يا اتي پهچڻ کان پوءِ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پاڻ ۾ کل يوڳ ڪندا آهن ۽ گڏجي تصويرون وغيره ڪيرائيندا آهن، جڏهن ته اجنبي مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ کل يوڳ ڪرڻ، بي تڪلفي سان ميل جول رکڻ، نامحرم مرد ۽ عورت جو بي پردگي جي حالت ۾ هڪ ٻئي جي سامهون اچڻ ۽ هڪ ٻئي جون تصويرون ڪيڻ سخت ناجائز، گناهه ۽ حرام آهي ڇاڪاڻ ته هر مسلمان ڄاڻي ٿو ته اسلام شرم ۽ حيا جو درس ڏئي ٿو. رسول پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

الحياء من الايمان: **يعني حيا ايمان مان آهي**

(ترمذي، 406/3، حديث: 2016)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (٦) اعتڪاف جي دوران حيض اچي وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ مسجدِ بيت ۾ اعتڪاف دوران جيڪڏهن عورت کي حيض اچي وڃي ته ڇا ان سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف دوران جيڪڏهن عورت کي حيض اچي وڃي ته سندس اعتڪاف ٽُٽي ويندو، ڇو ته سنت اعتڪاف لاءِ روزو شرط آهي ۽ روزي رکڻ جي لاءِ حيض ۽ نفاس کان پاڪ هجڻ ضروري آهي. اهڙي صورت ۾ حيض ختم ٿيڻ کانپوءِ رمضان ۾ يا رمضان کان پوءِ روزي سان گڏ هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي قضا ڪرڻ واجب آهي. وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم




# ٻارن کي روزي جي عادت ڪيئن وجهجي

مولانا ظهور احمد دانش عطاري مدني

والدين جي اها خواهش هوندي آهي ته اسان جا ٻار قابل به ٿين ۽ نيڪ به ٿين. بيشڪ! اها خواهش قابلِ تعريف آهي. اهڙي سوچ ۽ رويو ئي قومن جي تعمير ۽ ترقي جو سبب بڻجندو آهي. جنهن سان هڪ خوبصورت ۽ پاڪيزه معاشرو وجود ۾ ايندو آهي. اسان جا ٻار اسان جي نگراني هيٺ هوندا آهن، تنهنڪري انهن جي نفعي ۽ نقصان جا ذميوار به اسان آهيون. ننڍپڻ کان ئي ٻارن ۾ عبادت جو شوق پيدا ڪيو وڃي ته جيئن وقت سان گڏ اها عادت پختي ٿيندي رهي ۽ اسان جا ٻار دنيا سان گڏ آخرت جي تياري ۾ به اڳتي وڌندا رهن.

روزو هڪ بدني عبادت آهي، جنهن جون بيشمار فضيلتون، برڪتون ۽ طبي فائدا به آهن. اسان به چاهيندا آهيون ته اسان جي ٻار جي روزو ڪُشائي ٿئي، اُهو به روزيدار بڻجي وڃي، ته ان لاءِ اسان ننڍن ٻارن ۽ بلوغت تائين پهچڻ وارن ٻارن جي والدين کي ڪجهه اهم ۽ مفيد صلاحون پيش ڪري رهيا آهيون، جن جي مدد سان اوهان پنهنجن ٻارن کي روزي رکڻ لاءِ آماده ڪري سگهو ٿا. اچو ته ڏسون، اهي ڪهڙا طريقا ۽ انداز آهن، جن سان ٻارن کي روزيدار بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

## ٻارن کي روزي جي اهميت سمجهايو

ٻارن کي آسان ۽ دلچسپ انداز ۾ روزي جي فضيلت ۽ مقصد سمجهايو. انهن کي ٻڌايو ته روزو الله پاڪ جي رضا ۽ محبت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. ترغيب جي لاءِ قرآن پاڪ جون آيتون ۽ حديثون ٻڌايو.

## آهستي آهستي تربيت ڪيو

جيڪڏهن ٻار تمام ننڍو آهي ته شروعات ۾ مڪمل روزي رکڻ تي زور نه ڏيو، پر **اڌ ڏينهن يا ڪجهه ڪلاڪن** جو روزو رکرايو. جڏهن ٻار ڪجهه روزا رکڻ جو عادي ٿي وڃي ته آهستي آهستي پورو ڏينهن روزو رکڻ جي عادت وجهو. روزي کي محبت ۽ خوشيءَ سان متعارف ڪرايو. روزي کي سختي يا بارَ طور پيش نه ڪيو. ٻارن کي ٻڌايو ته روزو رکڻ هڪ اعزاز آهي ۽ الله پاڪ روزيدارن سان محبت ڪندو آهي. انهن کي رمضان جي فضيلت جي باري ۾ دلچسپ قصا ٻڌايو

جيئن ”جنت جا دروازا کلڻ“ ۽ ”شيطان جي قيد ٿيڻ“ جو ذڪر وغيره.

### سيرتِ نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جا واقعا ٻڌايو

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جو روزيدار ٻارن سان محبت ڀريو رويو بيان ڪريو

### سحري ۽ افطاري کي خاص بڻايو

ٻارن جي لاءِ سحري ۽ افطاري جي وقت انهن جا پسنديده کاڌا تيار ڪيو ته جيئن هو خوشيءَ سان روزو رکن. انهن کي سحريءَ جي وقت اُٿڻ جي ترغيب ڏيو ۽ افطار جي وقت دعا گهرڻ جي عادت وجهو.

### حوصلا افزائي ڪريو

ٻارن جي پهرين روزي کي ”روزي ڪُشائي“ جي شڪل ۾ خاص بڻايو. سندن تعريف ڪيو ۽ ڪين انعام ڏيو جهڙي طرح ننڍا ننڍا تحفا يا انهن کي پسنديده سرگرمي ۾ شامل ڪرڻ. روزو رکڻ تي خاندان جي ٻين فردن آڏو انهن جي حوصلا افزائي ڪيو.

### ٻارن کي رمضان جي عبادتن ۾ شامل ڪيو

ٻارن کي تراويح، تلاوتِ قرآن ۽ دعا ۾ شريڪ ڪيو ته جيئن انهن کي رمضان جو ماحول محسوس ٿئي. انهن کي نيڪي جا ننڍا ننڍا ڪم جيئن افطاري جو دسترخوان لڳائڻ، کجور ورهائڻ يا دعائون ياد ڪرڻ جي ترغيب ڏيو.

### ٻارن کي صبر ۽ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ سيکاريو

ٻارن کي سمجهايو ته روزي جو مقصد صبر، نفس تي ضابطو آڻڻ ۽ الله جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ آهي. انهن کي ٻڌايو ته بک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي.

### قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائي تربيت ڪريو

ٻارن کي صحابهءِ ڪرام جي ٻارن جا روزا رکڻ جا قصا ٻڌايو. اسلامي ڪهاڻيون ٻڌايو جن ۾ صبر، عبادت ۽ الله جي محبت جو درس هجي.

### ٻارن جي صحت جو خاص خيال رکو

ننڍن ٻارن کي روزو رکڻ تي مجبور نه ڪيو ۽ انهن جي صحت کي نظرانداز نه ڪيو. ڪين سمجهايو ته روزو رکڻ عبادت آهي پر جيڪڏهن صحت متاثر ٿئي ته روزو ڇڏڻ به شريعت جو حصو آهي.

### دعا ۽ نيڪ نيتي جي ترغيب ڏيو

ٻارن کي ٻڌايو ته روزي جي حالت ۾ گُهري ويندڙ دعا قبول ٿيندي آهي. افطار جي وقت دعا گُهرڻ جي عادت وجهو ۽ سندن دل ۾ الله جي محبت پيدا ڪيو.

### عملي مثال بڻجو

ٻار هميشه والدين ۽ وڏن جو نقل ڪندا آهن. والدين کي گهرجي ته پاڻ به خوشي ۽ محبت سان روزا رکن، نماز پڙهن، قرآن

پڙهن ۽ دعائون گهرن تہ جيئن ٻار انهن کي ڏسي سکن.

## بک برداشت ڪرڻ جو ڪين حوصلو ڏيو

ٻارن کي سمجهايو تہ بُک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ جو صلو الله پاڪ جنت جي صورت ۾ ڏيندو. انهن کي روزي جو ثواب ۽ جنت ۾ "بابُ الرَّيَّان" جي باري ۾ ٻڌايو تہ انهيءَ ئي دورازي مان قيامت جي ڏينهن روزيدار جنت ۾ داخل ٿيندا.

محترم قارئين !

بحيثيت والد يا والده اسان جي اها ذميداري آهي تہ اسان پنهنجي اولاد جي بهترين تعليم ۽ تربيت ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي نہ آڻيون، پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪيون. توهان ان وقت تائين پنهنجن ٻارن جي بهتر تربيت نہ ٿا ڪري سگهو جيستائين توهان پاڻ پنهنجي شخصيت ۾ بهتري ۽ اصلاح جي ڪوشش نہ ٿا ڪيو. پنهنجن پيارن ٻارن کي روزيدار بڻائڻ لاءِ پهريان توهان پاڻ مثال بڻجو، روزي جي حوالي سان اها ڳالهہ اوهان کي ذهن نشين هجڻ گهرجي.

روزو الله جي قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، جنهن ۾ بُک جي تڪليف نعمتن جو قدر سيکاري ٿي. روزو اها خاموش دعا آهي جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي زبان بند ڪري ڇڏيندو آهي پر سندس دل سراپا بندگي بڻجي ويندي آهي. روزيدار جو بکيو رهڻ حقيقت ۾ دل کي ايمان ۽ صبر سان سيراب ڪرڻ جو سبب آهي.

روزو اهو سبق سيکاري ٿو تہ پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ ئي اصل آزادي آهي. روزو هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا انسان کي پنهنجي حدن ۾ رهندي رب جي عظمت جو احساس ڏياريندي آهي. روزي جي هڪ هڪ گهَڙِي تربيت آهي، جنهن ۾ بک جو احساس ٻين جي بُک جو درد محسوس ڪرائيندو آهي. روزو الله سان محبت جي اهڙي علامت آهي جنهن سان ٻانهو پنهنجي خواهشن کي قربان ڪري رب جي رضا کي ترجيح ڏيندو آهي. الله پاڪ اسان کي ۽ اسان جي نسلن کي عبادت گذار بڻائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# دين آسان آهي

مولانا جاو د عطاري مدني

**الله پاڪ جا پيارا ۽ آخري نبي حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو:** اِنَّ الدِّيْنَ يُسْرٌ، **يعني دين آسان آهي.** (بخاري، 26/1، حديث: 39)

يعني دين تي عمل ڪرڻ نهايت آسان آهي.

پيارا ٻارو! اسان جي پياري دينِ اسلام جا سڀ حڪم اسان جي طبيعتن جي مطابق ۽ نهايت آسان آهن. هي آساني مرد، عورت، پوڙهن ۽ ٻارن سڀني لاءِ آهي، جيئن نماز پڙهڻ. جيئن اسان اسڪول، ڪوچنگ وغيره وقت تي ويندا آهيون، اهڙيءَ طرح ٿوري ڪوشش سان پنج وقت جي نماز به پابنديءَ سان ادا ڪري سگهون ٿا.

دينِ اسلام جو هڪ حڪم صدقو، خيرات ۽ زڪوات ڏيڻ به آهي، يعني جيڪو مال الله پاڪ اسان کي ڏنو آهي، ان مان الله جي راهه ۾ ڪجهه ڏيڻ. ننڍڙا ٻار پنهنجي پئسن مان نه، پر پنهنجي امّي ابو کان وٺي الله جي راهه ۾ ڏيڻ جي عادت ٻڻائن.

هاڻي رمضان جو مهينو هلي پيو، جنهن ۾ مسلمانن تي روزو فرض آهي. جيتوڻيڪ ننڍن ٻارن تي روزو فرض ناهي، پر انهن کي به عادت ٻڻائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن روزو رکڻ گهرجي.

ننڍن سان شفقت ڪرڻ، وڏن جو ادب ڪرڻ، واٽ تان تڪليف ڏيندڙ شيءِ هٽائڻ، والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وغيره اهي سڀ اسان جي دينِ اسلام جا حڪم آهن، جيڪي نهايت آسان آهن.

پيارا ٻارو! اسان جي دين ۾ ڪو به اهڙو حڪم ناهي، جنهن تي عمل ڪرڻ ناممڪن هجي. الله پاڪ اسان سيني کي دينِ اسلام جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# رمضان المبارڪ جا ڪجھ اهم واقعا

| تاريخ / مهينو / سال | نالو / واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| پهرين رمضان المبارڪ 471 ھ | يومِ ولادت حضور غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه ربيعُ الآخر 1438 کان 1446ھ ۾ ڪتاب "غوثِ پاڪ جا حالات" |
| 3 رمضان المبارڪ 11 ھ | يومِ وصال خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْها | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1440ھ ۾ ڪتاب "شانِ خاتونِ جنت" |
| 3 رمضان المبارڪ 1391 ھ | يومِ وصال حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ھ ۾ "فيضانِ مفتي احمد يار خان نعيمي" |
| 6 رمضان المبارڪ 253 ھ | يومِ وصال وليِ ڪامل حضرت امام سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ھ ۾ "فيضانِ سري سقطي" |
| 10 رمضان المبارڪ 10 سنِ نبوي | يومِ وصال ام المؤمنين حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْها | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438، 1440ھ ۾ رسالو "فيضانِ خديجة الڪبريٰ" |
| 15 رمضان المبارڪ 3 ھ | يومِ ولادت نواسهءِ رسول حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ | ماهوار فيضانِ مدينہ رمضانُ المبارڪ 1438 ربيعُ الاول 1441ھ ۾ رسالو "امام حسن جون 30 حڪايتون" |
| 16 رمضان المبارڪ 1164ھ | يومِ وصال حضرت سيد آلِ محمد مارهروي برڪاتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438ھ |
| 17 رمضان المبارڪ 2 ھ | يومِ بدر ۽ شهداءِ بدر | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438، 1439ھ ۾ ڪتاب "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 209 |

| | | |
|---|---|---|
| 17 رمضان المبارڪ 57 يا 58 ھ | يومِ وصال ام المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1440ھ ۽ ڪتاب "فيضانِ عائشہ صديقہ" |
| 19 رمضان المبارڪ 2ھ | يومِ وصال شهزاديِ رسول حضرت رقيہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ھ ۽ "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 694 |
| 20 رمضان المبارڪ 8ھ | فتح مڪہ | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1440 ھ مئي 2021ع ۽ ڪتاب "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 411 |
| 21 رمضان المبارڪ 40ھ | مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شھادت جو ڏينھن | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1445ھ ۽ رسالو "ڪراماتِ شيرِ خدا" |
| 21 رمضان المبارڪ 203 ھ | يومِ وصال حضرت امام ابوالحسن علي رضا رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438ھ |
| 22 رمضان المبارڪ 1326ھ | يومِ وصال برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه | ماھوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ۽ 1439ھ |
| 26 رمضان المبارڪ 1369 ھ | يومِ ولادت اميرِ اھلِ سنت حضرت علامہ محمد الياس عطاري قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه | تعارفِ اميرِ اھلِ سنت |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ماھوار فيضانِ مدينہ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائونلوڊ ڪري پڙھو ۽ ٻين کي شيئر بہ ڪريو



## روزيءَ ۾ برڪت جو وظيفو

جيڪڏهن ڪو شخص (1) رمضان المبارڪ مغرب جي نماز کان پوءِ 21 دفعا سورۃُ القدر (اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ فِیۡ لَیۡلَةِ الۡقَدۡرِ) پڙهي، ته سندس روزيءَ ۾ اهڙي برڪت ٿيندي، جيئن اوچائيءَ مان پاڻي هيٺ تڪڙو وهي ايندو آهي. اهڙي طرح ان جي طرف مال ۽ دولت تيزيءَ سان ايندي ۽ ان جي تنگدستي ختم ٿيندي



## تلاوتِ قرآن سان بيماريءَ ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي

حضرت طلحه بن مطرف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ بيمار شخص هو، جڏهن ان وٽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي ويندي هئي، ته هو پنهنجي بيماريءَ ۾ آرام محسوس ڪندو هو. مان سندس خيمي ۾ ويس ۽ چيم: اڄ مان توکي صحتمند ڏسي رهيو آهيان! ان جواب ڏنو: منهنجي سامهون قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي وئي آهي. (التبيان فی آداب حملة القرآن للنووی،ص94)



## پار ڪيڙن مڪوڙن کان محفوظ رهندا

جيڪڏهن "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ" 55 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ دفعو درود شريف سان) پڙهي، زيتون جي تيل تي دم ڪيو وڃي ۽ پوءِ ٻار جي جسم تي نرميءَ سان ملجي، ته هي تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيندو، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ڪيڙا، مڪوڙا ۽ ٻيا نقصانڪار جانور ٻار کان پري رهندا. اهڙيءَ طرح دم ڪيل تيل وڏي عمر وارن جي جسماني سور لاءِ به انتهائي ڪارآمد آهي. (فيضانِ سنت، 995/1)



## چيلهه جي سور جو روحاني علاج

فجر جي سنتن ۽ فرض جي وچ ۾ 41 دفعا سورۃُ الفاتحه پڙهو ۽ هر ڀيري پهريان بِسۡمِ اللهِ به پڙهو.

اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! چيلهه جي سور کان نجات ملندي. (بيمار عابد،ص37)

# پٿر ميڻ بڻجي ويو

مولانا سيد عمران اختر عطاري



الله پاڪ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مٿي کان پيرن تائين معجزاتي شان عطا فرمايو هو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا معجزا پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان نہ رڳو عقل حيران رهجي وڃي ٿو پر اهي معجزا حضور اقدس سان اسان جي عقيدت ۽ محبت ۾ اضافي جو سبب پڻ آهن.

اچو تہ! اڄ هڪ نهايت دلچسپ معجزي جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيڪو پنهنجي نوعيت جو نرالو معجزو آهي.

حافظ ابو نعيم اصفهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان فرمائن ٿا تہ غزوهٔ اُحد جي ڏينهن مشرڪن جي حملي کان بچڻ لاءِ حضورِ اڪرم، رحمتِ دو عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو مٿو مبارڪ هڪ پٿر ڏانهن جهڪايو تہ اهو پٿر ايترو نرم ٿي ويو جو حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مٿو مبارڪ ان ۾ داخل ٿي ويو. اهو پٿر ۽ ان جو نشان اڄ بہ خاص ۽ عام لاءِ زيارت گاهہ بڻيل آهن.[1]

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن معجزي کي بيان ڪندي حافظ ابو نعيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ لوهہ ۾ تہ نرم ٿيڻ جي ڪٿي نہ ڪٿي ڪا گنجائش موجود آهي جو تہ اهو آخرڪار باهہ ۾ وجهڻ سان نرم ٿي ويندو آهي، پر پٿر ۾

تہ نرم ٿيڻ جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي، چو تہ اهو باھ ۾ بہ نہ ڳرندو آهي پر ان جي باوجود حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر نرم ٿي ويو. لھٰذا حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پٿر جي نرم ٿيڻ جو معجزو حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ لوھ نرم ٿيڻ جي معجزي ڪان بہ وڌيڪ حيرت انگيز آهي.

اهڙيءَ طرح غارِ مُرسلات ۾ بہ هڪ پٿر سَرِ انور لاءِ ميڻ وانگر نرم ٿي ويو هو ۽ ان پٿر سرِ انور جا نشان پنهنجي اندر محفوظ ڪري ڇڏيا هئا. اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

غارِ مُرسلات مِنىٰ شريف جي مسجدِ خيف ڪان اتر (North) طرف هڪ جبل تي واقع آهي، اهو جبل عرفات شريف ڪان مِنىٰ ايندي ساڄي پاسي ڏسڻ ۾ ايندو. سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هن مبارڪ غار ۾ سورةُ المُرسلات نازل ٿي. چيو وڃي ٿو تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مبارڪ غار ۾ تشريف فرما ٿيا تہ مٿان واري پٿر سان سرِ انور مَس (Touch) ٿيو تہ پٿر نرم ٿي ويو ۽ ان ۾ سرِ انور جو نشان بڻجي ويو. عاشقانِ رسول برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ هن نشان مبارڪ سان پنهنجو مٿو لڳائيندا آهن.[2]

اسان جي پياري آقا، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ پٿر جو نرم ٿي وڃڻ يقيناً هڪ عظيم معجزو آهي. ان مان ڪجھ ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

الله پاڪ مختلف انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي جيڪي الڳ الڳ معجزا عطا فرمايا اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهي سيئي معجزا عطا ڪيا ويا، ان ڪري حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات جامعُ المعجزات آهي.

جاني دشمن ڪان جان بچائڻ بزدلي نہ پر حڪمتِ عملي آهي. بهادري جي موقعي تي بهادري ۽ حڪمتِ عملي جي موقعي تي حڪمتِ عملي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. اسان جا پيارا نبي، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهادري جي موقعي تي سڀني ڪان وڌيڪ بهادري ڏيکاريندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني ماڻهن ڪان وڌيڪ بهادر هئا.[3]

---

(1)دلائل النبوة لابی نعیم،ص 354

(2)دیکھئے: معالم مکۃ التاریخیۃ الاثریہ، ص 276۔عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، ص237

(3)بخاری، 2/ 260، حدیث: 2820



# موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ لاءِ نبوي عطائون

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي بارگاهِ رسالت مان وقت بوقت ڪجهه نه ڪجهه انعام ۽ شيون ملنديون رهيون، پر سيني کان وڏيڪ ۽ قيمتي انعام اهو هو ته کين دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ملي وئي ۽ جگر گوشهءِ رسول حضرت بي بي فاطمه بتول رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا سندن زوجيت ۾ آيون. هن مضمون ۾ اوهان بارگاهِ رسالت مان مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ملڻ وارين ڪجهه شين بابت پڙهندؤ.

## ڪڏهن تلوار ذوالفقار عطا ڪئي

هڪ موقعي تي رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: کين پنهنجي زره پارائي، پنهنجو عمامو پترايو ۽ پنهنجي تلوار ذوالفقار عطا فرمائي. [1]

## ڪڏهن جهنڊو عطا ڪيو

سَن 3 هجري ماهِ شوال جنگِ اُحد ۾ مهاجرن جو جهنڊو حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وٽ هو، انهن جي شهادت کان پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو جهنڊو حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي حوالي ڪري ڇڏيو.[2] هڪ قول مطابق غزوهءِ بدر ۾ به پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مهاجرن جو جهنڊو مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي عطا ڪيو هو ان وقت سندن عمر ويهه سال هئي.[3] غزوهءِ خيبر ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيترن ئي صحابه کي خيبر جو قلعو فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو پر ڪوشش جي باوجود به قلعو فتح نه ٿي سگهيو. آخرڪار رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”سڀاڻي مان هي جهنڊو ان شخص جي هٿ ۾ ڏيندس جيڪو الله ۽ ان جي رسول سان محبت ڪندو آهي. الله ان جي هٿان قلعو فتح ڪرائيندو.“ حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان وقت آشوبِ چشم جي مرض ۾ مبتلا هئا. پوءِ (ٻئي ڏينهن) رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان کي گهرايو ۽ پنهنجو لعابِ دهن سندن اکين ۾ لڳايو پوءِ جهنڊو ٽي دفعا لوڏي اوهان کي عطا ڪيو، پوءِ تاريخ ۾ هڪ روشن باب جو اضافو ٿيو ۽ خيبر جو قلعو اوهان جي هٿان فتح ٿي ويو. [4] هڪ روايت مطابق حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي نبيءِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن به جنگ تي روانو ڪيو ته لشڪرِ اسلام جو جهنڊو اوهان کي ئي عطا فرمايو.[5]

## ڪڏهن نعلين پاڪ ڳنڍڻ لاءِ ڏني

هڪ دفعي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعلينِ مبارڪ جي ڪَهين ٽُٽي پئي،

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان وقت پنهنجي گهر ۾ هئا رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نعلينِ مبارڪ ڪين ڏني ته جيئن هو ان جي ڳَهين ٺيڪ ڪن.[6] هڪ دفعي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي قريشيو! اوهان ضرور (ناپسنديده ڪمن کان) باز ايندؤ يا وري الله اوهان تي اهڙو شخص موڪليندو جيڪو دين جي ڪري اوهان کي قتل ڪري ڇڏيندو. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يَارسولَ الله! ڇا اهو مان آهيان؟ فرمايائون: نه! حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يَارسولَ الله! ڇا اهو مان آهيان؟ فرمايائون: نه! پر اهو نعلين ڳنڍڻ وارو آهي. ان وقت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نعلين مبارڪ مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏني هئي ۽ مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نعلين مبارڪ ڳنڍي رهيا هئا.[7]

## ڪڏهن غلام تحفي ۾ ڏنو

هڪ دفعي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت بي بي فاطمه ۽ مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي هڪ غلام تحفي طور ڏنو ۽ فرمايو: هن سان سٺو سلوڪ ڪجو، مون هن کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي.[8]

## ڪڏهن نيزو عطا ڪيائون

نجاشي بادشاه بارگاهِ رسالت ۾ ٽي نيزا (يا عصا) موڪليا. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هڪ پنهنجي لاءِ رکيو، ٻيو حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏنو جڏهن ته ٽيون حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمايو.[9]

## ڪڏهن ڦَٽِي عطا فرمائي

بارگاهِ رسالت ۾ هڪ دفعي ٻه ڦٽِيون پيش ڪيون ويون ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن مان هڪ حضرت زيد بن حارثه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ۽ ٻي مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمائي.[10]

## ڪڏهن ياقوت ڪنده ڪرڻ لاءِ ڏنو:

هڪ دفعي رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ياقوت جو هڪ ٽڪرو ڏنو ۽ ان تي "لا اله الا الله" نقش ڪرائڻ جو حڪم فرمايو. اوهان ائين ئي ڪيو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ياقوت ڏسي پڇيو: اوهان لفظ "محمد رسولُ الله"ڇونقش ڪرايا؟ پاڻ عرض ڪيائون: "اوهان جنهن ڳالهه جو حڪم ڏنو هو مون اهو ئي ڪيو آهي. ايتري ۾ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿي عرض ڪيو: بيشڪ! الله ڪريم اوهان کي ارشاد فرمائي ٿو: اوهان مون سان محبت ڪيو ٿا، انهي ڪري (ان ياقوت تي) منهنجو نالو لکرايو ۽ مان به اوهان سان محبت ڪيان ٿو، تنهنڪري مون اوهان جو نالو لکي ڇڏيو.[11]

## ڪڏهن ماڻهن جون امانتون رکرايون

هجرت کان پهريان مڪي جا ماڻهو پنهنجون امانتون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وٽ رکرائيندا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مڪي کان مديني هجرت ڪئي ته اهي امانتون حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سپرد فرمايون ته اوهان مڪي ۾ ترسي ماڻهن جون امانتون انهن تائين پهچايو بعد ۾ هجرت ڪري مديني

پهچي وڃجو. اوهان ائين ئي ڪيو.[12]

## ڪڏهن درهم عطا ڪيا

هڪ دفعي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ ڏهه درهم هئا. رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چار درهم حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ڏنا ۽ فرمايو: منهنجي لاءِ قميص خريد ڪري اچو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چار درهمن جي قميص وٺي آيا. هڪ شخص اٿي بيهي عرض ڪيو: يَارسولَ الله! صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ ڪابه قميص ناهي. نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اها قميص ان کي عطا ڪري ڇڏي. پوءِ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ٻيهر چار درهم عطا ڪيائون، ته مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ٻي قميص وٺي آيا.[13]

## ڪڏهن ديت ادا ڪرڻ لاءِ رقم ڏني

هڪ موقعي تي ڪنهن مسلمان سپهه سالار جي غلط فهمي سبب بني جذيمه جا ڪجهه مسلمان شهيد ٿي ويا ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي رقم ڏني ۽ فرمايو: جيڪو نقصان ٿيو آهي اوهان ان جي ديت ادا ڪيو. حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اها رقم کڻي بني جذيمه پهتا ۽ رقم انهن جي حوالي ڪيائون پر پورو حق ادا نه ٿي سگهيو، پاڻ حضرت رافع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي بارگاهِ رسالت ۾ وڌيڪ رقم گهرائڻ لاءِ موڪليو ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌيڪ رقم حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏانهن موڪلي ڏني.[14]

## وفات ۽ وصيت

سن **40** هجري **17** رمضان تي ابنِ ملجم خارجي ڪوفي ۾ سندن مٿان قاتلاڻو حملو ڪيو. زهر ۾ ٻڏل تلوار جو وار سندن دماغ تائين پهچي ويو. اوهان وٽ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بچيل خوشبو موجود هئي هڪ وصيت هيءَ ڪيائون ته مون کي (رسولِ ڪريم جي) اها ئي خوشبو لڳائي دفن ڪيو وڃي. ٽن راتين ڪانپوءِ **21** رمضان تي پاڻ شهادت ماڻي.[15]

خلفاءِ ثلاثه ڪان پوءِ سڀني صحابه ڪان وڌو رتبو اوهان کي مليو، **مولا علي مشڪل ڪُشا.**[16]

---

(1)سیرت حلبیہ، 427/2
(2)تاریخ ابن عساکر، 74/42
(3)زرقانی علی المواہب، 261/2
(4)مسند احمد،708/1،حدیث:3062-سیرت ابن ہشام،ص440
(5)معجم کبیر،79/3،حدیث:2720
(6)فضائل الصحابہ، ص:637،حدیث:1083
(7)ترمذی، 399/5، حدیث:3735۔ مصنف ابن ابی شیبہ، 104/17، حدیث: 32744 ملخصاً-مرأۃ المناجیح،96/6 ملخصاً
(8)مسند ابی یعلیٰ، 202/3، حدیث: 3370
(9)معجم کبیر،41/6،حدیث:5454
(10)احکام القرآن لابن العربی، 538/3
(11)تحفۃ المنہاج لابن حجر ہیتمی،124/1
(12)تہذیب الاسمآء واللغات،345/1
(13)تاریخ ابن عساکر،89/4
(14)مغازی للواقدی، 882/3ملخصاً
(15)تہذیب الاسمآء،329/1- مرقاۃ المفاتیح، 271/1، تحت الحدیث:85
(16)وسائل بخشش،ص522

# ليلة القدر جي فضيلت ۽ اهميت

رمضان المبارڪ جو هر لمحو برڪتن سان ڀريل هوندو آهي، پر ان جو آخري ڏهاڪو خاص اهميت رکي ٿو، ڇو ته ان ڏهاڪي ۾ ليلة القدر جي رات آهي، جيڪا هزار مهينن کان افضل قرار ڏني وئي آهي.

## ليلة القدر جي فضيلت قرآن ۽ حديث جي روشني ۾

اللہ تعالىٰ ليلة القدر جي عظمت کي بيان ڪندي فرمايو: بيشڪ اسان قرآن کي شب قدر ۾ نازل ڪيو، ۽ تو کي ڇا خبر ته شب قدر ڇا آهي؟ شب قدر هزار مهينن کان ڀلي آهي. ان رات ۾ ملائڪ ۽ جبرئيل رب جي حڪم سان هر ڪم لاءِ لهندا آهن. اها رات طلوع فجر تائين سلامتي آهي. (سورت القدر: 1-5)

هن آيت مان واضح ٿئي ٿو ته: قرآن پاڪ جو نزول هن رات ۾ ٿيو، جيڪو ان جي فضيلت کي ڀيٽو ڪري ٿو. هزار مهينن کان ڀلي هجڻ جو مطلب آهي ته هن رات ۾ هڪ لمحي جي عبادت 83 سالن جي عبادت کان به وڌيڪ ثواب واري آهي. ملائڪن جو نزول ثابت ڪري ٿو ته هيءَ رات رب جي خاص رحمتن سان ڀريل آهي. حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اللہ تعالىٰ منهنجي امت کي شب قدر جو تحفو عطا ڪيو، جيڪو اڳ ڪنهن نبي جي امت کي نصيب نه ٿيو. (مسند فردوس، حديث: 647) رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ به ان رات جي برڪتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ اعتڪاف فرمائيندا هئا .حديث شريف ۾ اچي ٿو ته پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ويهين رمضان جو روزو رکڻ بعد مسجد ۾ اعتڪاف ويهي رهندا هئا، رات جاڳي عبادت فرمائيندا، ۽ مسجد مان ٻيهر ٻاهر به نه رڪندا هئا.

## ليلة القدر جون نشانيون

ليلة القدر جي رات ۾ ڪجهه خاص نشانيون هونديون آهن، جيئن:

- رات روشن ۽ پرنور هوندي.
- هوا نرم ۽ آرام ڏيندڙ هوندي.
- رات ۾ سک ۽ سڪون محسوس ٿيندو.
- صبح جو سج بغير ڪرڻن جي نڪرندو.

اسان کي گهرجي ته ان رات کي غنيمت سمجهي، جاڳي عبادت، قرآن پاڪ جي تلاوت، درود شريف، استغفار، نفل نماز ۽ دعا ۾ مشغول رهون .

978-969-722-780-8
01130297
فيضانِ مدينه، محلّه سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدينه (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
MAKTABA TUL MADINAH